# مارڪسي نظريو ۽ مسلم دنيا

(ليکڪ: رضا نعيم لاهور-ڊان اخبار) سنڌيڪار: ارشد علي پٽي

---

توڙي جو اها ڪليل حقيقت آهي تہ سوويت يونين 91ع ۾ ٽٽي ويو، پر جيڪو نسورو ڪوڙ ورجايو پيو وڃي، اهو هي آهي تہ مارڪسي نظريو 91ع کانپوءِ واري دنيا کان ڪٽيل ۽ لاتعلق آهي!!

خاص ڪري مسلم ملڪن ۾ مارڪسزم، جاگيرداري، عسڪريت پسندي (فوج شاهي)، مذهبي رجعت پسندي ۽ سامراجيت خلاف چوٽڪارو ڏياريندڙ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

مارڪس وادين هميشہ مسلم دنيا ۾ اهم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن ۽ بينڪي توڙي سامراجي قوتن ۽ مقامي آمر حڪمرانن خلاف مهاڏو اٽڪائڻ ۾ هراول دستي جو ڪردار ادا ڪيو آهي. خاص ڪري وچ اوڀر ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ هنن (مارڪس وادين) جو ڪردار تاريخي رهيو آهي. ايران ۾ رجعت پسند "قجر" ۽ "پهلوي" عوام دشمن آمريتن خلاف (توده پارٽي) شاندار جدوجهد ڪئي. پوءِ ڪين خميني حڪومت خلاف بہ وڙهڻو پئجي ويو. خميني پهريان "توده پارٽي" کان "اسلامي انقلاب" آڻڻ وقت مدد ورتي ۽ پوءِ مٿن ڏاڍايون ڪيون ۽ ڪيس هلايا.

انڊونيشيا ۾ چين کانپوءِ وڏي ۾ وڏي ڪميونسٽ پارٽي موجود هئي. سهارتو جي اقتدار ۾ اچڻ ۽ سي آءِ اي (C.I.A) جي ڏنل لسٽ تحت تقريباً هڪ ڪروڙ ڪميونسٽن کي قتل ڪرايو ويو. هن کان اڳ انڊونيشين ڪميونسٽ پارٽي سوئيڪارنو جي ڀرپور مدد ڪئي.

عراق ۾ بہ عرب دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪميونسٽ پارٽي (C.P.I) جنهن برطانوي سامراج خلاف عظيم الشان جدوجهد ڪئي هئي ۽ 1958ع واري انقلاب ۾ قومي فوج جي بادشاهت کي ختم ڪرڻ جي جدوجهد ۾ مدد ڪئي. پر ان کان پوءِ 1960ع ۾ آمريڪي سي آءِ اي جي مدد سان عراقي ڪميونسٽ پارٽي کي صدام حسين ذريعي تباهہ ڪيو ويو. اوڀر يورپ جي مسلم اڪثريت واري ملڪ البانيا ۾ انور هوڪسا جي فوجين 1945ع ۾ رجعت پرست ۽ فاشي قوتن خلاف نہ

فقط سوڀ حاصل ڪئي پر هن اوير يورپ جي جاگيرداريءَ کي تهس نهس ڪري ۽ سوشلزم کي هٿي ڏياري نهايت ئي پنتي پيل ملڪ کي تمام گهڻو ترقي يافته ۽ سٽريل ملڪ بڻايو. ائين ڪرڻ سان البانيا ته مسلم دنيا جو انتهائي ترقي يافته ملڪ ٿي ويو پر ٻيا مسلم ملڪ سوشلزم کي پاڻ لاءِ خطرو محسوس ڪندي سدائين ان کان پڇندا رهيا . . . !

برطانوي سامراج خلاف الجزائر جي آزادي واري جدوجهد جنهن ۾ هڪ ڪروڙ انسانن جون حياتيون ڪسيون ويون، تنهن جدوجهد جا بنياد به سوشلسٽ اصولن تي ٻڌل هئا. ”بن بيلا“ ۽ ”بومدين“ وارو الجزائر هڪ ئي وقت ترقي پذير توڙي مسلم ملڪن لاءِ قابل فخر ملڪ ٿي ويو، جنهن جي ڪاسترو، جمال ناصر ۽ ميلڪم ايڪس جهڙن ماڻهن به تعريف ڪئي هئي. سڄي دنيا جا مسلم ملڪ اهڙن مثالن مان لاڀ پرائي سگهن ٿا، جيڪي هنن جي پنهنجي تاريخ منجهان آهن ۽ جن روس، چين ۽ ڪيوبا کان متاثر هوندي به انهن جو نقل نه ڪيو. انهن ذڪر ڪيل ملڪن مان گهڻا اڄڪلهه شديد مشڪلات مان پيا گذرن، ڇاڪاڻ ته انهن جي اڳواڻن مارڪسي ليننی نظريي کان نه صرف تيزي سان منهن موڙيو آهي پر پنهنجي عوام کي به سامراج جي ڳٽ جوڙ سان لٽيو ۽ ڦريو. بنياد پرست مذهبي ڌريون جيڪي اڳ ڪميونسٽ پارٽين کي غير مؤثر ۽ ڇڙوڇڙ ڪري سامراجي مقصدن لاءِ ڪم ڪنديون هيون، اهي هاڻ ”نام نهاد سوشلسٽ“ بڻجي ويون آهن. جن اقتدار ۾ ايندي ئي سڄي سياسي ماحول ۽ وايومنڊل کي خراب ڪري ڇڏيو آهي. هنن ڪڏهن به پورهيت طبقي جي مسئلن جي حل واسطي ڪوشش ناهي ڪئي.

مسلم ملڪن جي مسئلن جو حل فقط سوشلسٽ نظام جي اصولن ۾ آهي، جنهن سان سيني جي ڀلي ۽ بهتريءَ لاءِ هر قسم جو جبر ختم ڪري سگهبو!

●●●

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books